Please go with detailed explanations

Date:

Attemp all question

* سنڌي *

*NOA-MOCK6*

نالو : محمد امين قري

Batch : 006-MOCK25-NOA-ISB1

LMS ID: 37118

Email : maminbaloch022@gmail.com

Phone : 0312-5382277

Date : 22/12/024



CS CamScanner

42/80

Date:

# (حصو-٢)

## * سوالُ 3 *

14

### 1. تعارف:

شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي ادب جو هڪ وڏو نالو آهي، جنهن جي شاعري سنڌي ادب کي فني ۽ فڪري بلندي تي پهچايو. سندس وسيلي ۾ انساني زندگي جا مختلف پهلو، روحانيت، محبت، قوميت ۽ سماجي مسئلا عظيم انداز ۾ پيش ڪيا ويا آهن. شاهه عبداللطيف جي شاعري نه رڳو سنڌي ادب جي حسن ۾ اضافو ڪيو، پر اها انساني فڪر ۽ فلسفي لاءِ پڻ هڪ روشني جو مينار بڻجي وئي.

### 2. سنڌي ادب ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري جو ڪردار

سندس جي شاعري جي ڪردار جا ڪجهه اهم نقطا هيٺ بيان ڪجن ٿا.

### (الف) صوفياڻي شاعري جو سربراهه

شاهه لطيف صوفي شاعر هو جنهن پنهنجي شاعري ذريعي

URBANE PAPER PRODUCT

CamScanner

انسان انسان ۽ خدا جي وچ ۾
هڪجهتي ۽ ويجهڙائي اجاگر ڪئي.
شاهه سائين وحدت الوجود جي
فلسفي کي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو.
هن صوفيائي فڪر کي عوامي ٻولي
۾ پيش ڪيو، جيڪو سڀني کي سمجهڻ ۾
آسان آهي.

جيئن:

"جي تون مولي مٽ، مون ڏيهه نه ڏور،
ڪلهن ڏاڍي ڏور، ناهه تون سائين ڏي،"

(شاهه سائين)

هن بيت اهو واضح ٿئي ٿو ته شاهه عبداللطيف
صوفيائي شاعريءَ جو سربراهه آهي.

## (ب) لوڪ ڪهاڻين جي جدت

شاهه لطيف سنڌي لوڪ ڪهاڻيون
جهڙوڪ سسئي پنهون، مارئي، سهڻي
ميهار وغيره کي صوفيانه انداز
۾ پيش ڪيو. انهن ڪهاڻين ۾
عشق، قرباني ۽ جدوجهد کي
بيان ڪيو ويو آهي. شاهه سائين لوڪ
ڪهاڻين ۾ کي علامتي ۽ فڪري گهرائي
سان نئين معنيٰ ڏني. جيئن

"سسئي جو سڪ سائينءَ پاڻ ڪري
مشيريت جا مون، جنڊين ڪين وسري"

URBANE PAPER PRODUCT

Date:

هن شعر مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته شاهه سائين لوڪ ڪهاڻين ۾ جدت آڻي.

## (ت) قومي سڃاڻپ جو ڪردار

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ ۽ ماڻهن کي اجاگر ڪيو. سندس ڪلام وطن پرستي ۽ قومي شعور جو وڏو ذريعو آهي. ماروي جو ڪردار شاهه جي شاعري ۾ وطن سان عشق جو خوبصورت مثال آهي.

مثالي شعر:

"مارو ڏٺا مون وٽ، پيٽ پريو ناهه،

سهڻا سارا گام، جنين ڏورايا ڏنا."

(شاهه سائين)

## ۳. سنڌي ادب ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ جي اهميت

سنڌي جي شاعريءَ جا ڪجهه اهم نقطا هيٺ بيان ڪجن ٿا:

## (الف) انساني ڀائيچاري جو پيغام

انساني ڀائيچاري جو پيغام شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جي اهميت مان هڪ عظيم اهميت آهي. سنڌ

Date:

شاعري انساني ڀائيچاري، محبت ۽ همدرديءَ جو سبق ڏئي ٿي. شاعريءَ ۾ سيني لاءِ محبت ۽ سڀني جو درس آهي. هو ذات پات ۽ مذهب جي ورهاست کي رد ڪري ٿو. جيئن شاهه سائين فرمايو آهي ته:

منجهان مٺا محمد، سڀني سرهي ٿئي،
جي پڻيو پريئي، ته جتي سڀڪو آئي.
(شاهه ڀٽائي)

(ب) فطرت ۽ زندگيءَ جي جماليات

شاهه سائين فطرت جي عڪاسي لاءِ شاعريءَ ۾ نوان استعارا ۽ علامتون استعمال ڪيون. دريائن، ريگستان ۽ مينهن سندس شاعريءَ ۾ زندگيءَ جا استعارا آهن. ڪيترائي شعر شاهه سائين جي شاعريءَ ۾ جدت کي بيان ڪن ٿا. اهو ريت اسان جي سکيون ٿا فطرت ۽ زندگيءَ جي جماليات ۽ شاعريءَ جي اهميت مان هڪ اهم اهميت آهي.

(ج) ٻولي ۽ ادبي حُسن

ٻولي ۽ ادبي حُسن شاهه جي شاعريءَ جي هڪ اهم اهميت آهي. جو ته شاهه لطيف جي

URBANE PAPER PRODUCT

شاعري ۾ ساري، پر ڪري لولي ۽
موسيقيت جو امتزاج موجود آهي،
سنڌي شاعري ۾ رواني
۽ غني جماليات دل کي متاثر ڪن
ٿا.
جيئن شاهه سائين فرمايو آهي
ته

”بيت پريا پول، جن پڌا سي ڳول،
شاهه لطيف جيئي، جي جيئي کي جڳايا.“

## ١٥: نتيجو

ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي
ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري
جو سنڌي ۾ ادب ۾ هڪ ڪردار
۽ اهميت حاصل آهي. شاهه سائين
جي شاعري سنڌي ادب جو هڪ لازوال
سرمايو آهي. جنهن ۾ روحانيت، عشق،
قوميت ۽ فطرت جي عڪاسي ملي ٿي.
سنڌي ڪلام نه رڳو سنڌي ثقافت
۽ تاريخ کي محفوظ ڪيو، پر انساني برابري،
سماجي انصاف، ۽ عالمي فڪر کي پڻ
اجاگر ڪيو. سنڌي شاعري جو اثر نه
رڳو سنڌي ادب تي، پر عالمي ادب
تي به واضح آهي. سنڌي رسالو
اڄ به سنڌي ادب ۾ هڪ الهامي ڪتاب
جي حيثيت رکي ٿو. سنڌي شاعري
انساني زندگي جي بهتر سمجھ لاءِ هڪ
روشني جو مينار آهي.

14

# سوال 7

## 1. تعارف:

سنڌي لوڪ ادب سنڌ جي ثقافت، تهذيب، ۽ عوامي روايتن جو آئينو آهي. هي صديون کان ۽ زباني طور ماڻهن جي دلين ۽ زبانن تي زنده رهيو آهي. اهو ادب سنڌي ماڻهن جي فطري ذهنيت، زندگيءَ جي فلسفي، ۽ انساني قدرن جي عڪاسي ڪري ٿو. لوڪ ادب ۾ لوڪ ڪهاڻيون، شاعري، راڳ، ڀڳاڪا، ۽ محاورا شامل آهن، جيڪي نه صرف تفريح لاءِ آهن، پر انهن ۾ انسانيت، قرباني، ۽ محبت جا سبق به موجود آهن. سنڌي لوڪ ادب هر دور ۾ نه صرف ماڻهن کي ثقافتي شعور ڏنو، پر انهن جي زبان ۽ تهذيب کي محفوظ ڪرڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

## ٢. سنڌي لوڪ ادب

سنڌي لوڪ ادب سنڌي ثقافت ۽ تهذيب جو هڪ اهم حصو آهي. جيڪو نسلن کان نسلن تائين زباني طور منتقل ٿيندو رهيو آهي. سنڌي لوڪ ادب ۾ قصا، ڪهاڻيون، راڳ، شاعري،

Date:

پهاڪا، محاورا شامل آهن.

## ٣. لوڪ ادب جا قسم

هيٺ ڪجهه اهم قسم بيان ڪجن ٿا:

### (الف) لوڪ ڪهاڻيون

لوڪ ڪهاڻيون جهڙوڪ سسئي پنهون، سهڻي ميهار، مارئي ۽ لوڙي جام تماچي، شامل آهن.

### (ب) لوڪ شاعري

صوفياڻي ڪلامن جي شاعري، عوامي واڳ ۽ شاعري جنهن ۾ سنڌ سان محبت ۽ جدوجهد جا احساس آهن.

### (ب) پهاڪا

سنڌي زبان ۾ پهاڪا ماڻهن جي علم، تجربي ۽ ڏاهپ جو عڪس آهي. ان کان علاوه اهي ڏاهپ ۾ اضافو به ڪن ٿا، جيئن:

جهڙن جو ڪاڏو، تهڙن جو ڳايو

### (پ) محاورا

محاورا نه سنڌي ادب نه صرف روانگي پر خوبصورتي به

URBANE PAPER PRODUCT

Date:

پيدا ڪن ٿا. اهي زندگيءَ جي مختلف حالتن ۾ هدايت ۽ سبق ۾ ڏين ٿا.

”پاڻي تي ليڪا ڏيڻ“

مطلب ته اجايو ۽ بي فائدو ڪم ڪرڻ

## ٤. سنڌي لوڪ ادب جي اهميت

سنڌي لوڪ ادب جي اهميت جا ڪجهه اهم نقطا هيٺ بيان ڪجن ٿا.

### (الف) ثقافت ۽ تاريخ جي حفاظت

لوڪ ادب سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت کي محفوظ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. لوڪ شاعري، لوڪ ڪهاڻيون، چوڻيون ۽ محاورا ان کي محفوظ رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. لوڪ شاعري ۾ اسان سنڌ جي تمام سال پراڻي تاريخ جا قصا ۽ واقعا محفوظ ٿيل ملن ٿا.

مثال: ~~(ب)~~

”ماروي وطن سان محبت جو بهترين مثال آهي. جنهن ۾ هن ڌرتيءَ لاءِ هر قرباني ڏني.“

URBANE PAPER PRODUCT

Date:

## (ب) انساني قدرن جي واڌاري لاءِ سبق

لوڪ ادب انساني قدرن جي واڌاري لاءِ سبق ڏئي ٿو. جيئن ته انساني اخلاقيات، محبت، قرباني ۽ ڀائيچاري جا سبق ڏئي ٿو.

مثال:

"نوري ڄام تماچي جو ڪردار عاجزي جو علامتي اظهار آهي، جيڪو معاشرتي انصاف جي حمايت ڪري ٿو."

هن مان اهو ظاهر آهي ته لوڪ ادب انساني قدرن جي واڌاري لاءِ سبق ڏئي ٿو.

## (ب) فن ۽ تفريح جو ذريعو

سنڌي لوڪ ادب سدا جي ماڻهن لاءِ فن ۽ تفريح جو هڪ اهم ذريعو آهن. ان ۾ گيت، شاعري ۽ داستان عوام لاءِ تفريح ۽ سکيا جو بهترين امتزاج آهن.

مثال:

- ههمر ۾ هو جمالو
- سگهڙن جو محفلون
- شاهه ڀٽائي جا بيت

Date:

## (ب) ٻوليءَ ادبي حسن جو واڌارو

سنڌي لوڪ ادب سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورتي ۽ رواني کي اجاگر ڪري ٿو ۽ ان کي ٻين ٻولين کان منفرد ڪري ٿو.

مثال:

- پهاڪا ۽ محاورا
- لوڪ شاعري

## ۵. نتيجو:

سنڌي لوڪ ادب سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ جو هڪ اهم خزانو آهي، جيڪو انساني قدرن، روايتن ۽ جذبات جي عڪاسي ڪري ٿو. اهو ادب نه صرف تفريح ۽ سکيا لاءِ استعمال ٿيندو آهي، پر زندگيءَ جي اهم سبقن ۽ انساني رويي جي اصلاح لاءِ به وڏو ذريعو آهي. لوڪ ڪهاڻيون، شاعري ۽ راڳ نسلن کي سنڌ ماضيءَ سان ڳنڍين ٿا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حسن ۽ رواني کي اجاگر ڪن ٿا. سنڌي لوڪ ادب اڄ به اسان جي تهذيب ۽ ثقافت جي سڃاڻپ آهي ۽ ان جي اهميت هميشه قائم رهندي.



CamScanner

Date:

# سوال ۴

## 1. تعارف :

سنڌي ناول ادب جي اهم صنف آهي، جيڪا سنڌي سماج، تهذيب ۽ ماڻهن جي مسئلن کي تفصيل سان بيان ڪري ٿي. سنڌي ناول جي ارتقا سنڌي ادب ۾ مغربي ادب کان ٿي. پر جلد ئي پنهنجي ڌرتي سان لاڳاپيل موضوعن ۽ مسئلن کي پيش ڪندي هڪ منفرد مقام حاصل ڪيو. ناول سنڌي ادب ۾ ان دور ۾ مقبول ٿيو جڏهن سماج ۾ وڏيون تبديليون اچي رهيون هيون. جهڙوڪ، طبقاتي فرق، سماجي ناانصافي ۽ استحصالي نظام. سنڌي ناول نگارن جهڙن ۾ مرزا قليچ بيگ، پير حسام الدين، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ شيخ اياز وغيره پنهنجي تخليقي سوچ ۽ فن ذريعي هن صنف کي مالا مال ڪيو ۽ ان کي بين الاقوامي سطح تي پڻ نمايان ڪيو.

## ۲. سنڌي ناول جي ارتقا (ترقي) جا مرحلا :

ارتقا جا ڪجهه اهم مرحلا هيٺ ڏجن ٿا:

### (الف) شروعاتي دور

شروعاتي دور ۾ سنڌي

URBANE PAPER PRODUCT

Date:

ناول مغربي ادب کان متاثر ٿيو پر موضوع ۽ زبان ۾ مقامي خاصيت موجود هئي. ان وقت ۾ سنڌي سماج جا مسئلا، جهڙوڪ طبقاتي فرق ۽ استحصالي نظام، انهن ناولن جا موضوع بڻيا.

(ب) اوائلي دؤر

20هين صدي جي شروعات ۾ سنڌي ناول ترقي جو سفر شروع ڪيو. جنهن ۾ ليکڪن جديد موضوعن کي پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌي ماڻهن جي زندگي کي به بيان ڪيو.

(ب) ادبي دؤر

20هين صدي جي وچ ۾ سنڌي ناول پنهنجي عروج تي پهتو. ان دؤر ۾ موضوعن ۾ وسعت آئي ۽ فڪري لاڙي جي لحاظ کان ناولن ۾ تنوع آيو.

(پ) جديد دؤر

هاڻوڪي دؤر ۾ سنڌي ناول نه صرف سماجي مسئلن کي اجاگر ڪري رهيو پر عالمي مسئلن ۽ نفسياتي موضوعن کي به شامل ڪري ٿو.



CamScanner

Date:

# ناول ۾ ارتقا جو چارٽ

## مرحلا

↓

شروعاتي دؤر

↓

آوائلي دؤر

↓

ادبي دؤر

↓

جديد دؤر

Page Turn...

URBANE PAPER PRODUCT

Date:

## ٣. اهم ناول نگار

سنڌي ناول جا ڪجهه اهم ناول نگارن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

### (i) مرزا قليچ بيگ

سنڌي ناول جو ٻهراڙين وڏو نالو آهي. سندس اهم ناولن ۾ شامل:
زينت
آزاد
پيتا

### (ii) شيخ اياز

شيخ اياز پنهنجي شاعري سان گڏو گڏ ناولن ۾ پڻ نوڪري لوڏ آهي. سندس ناول
"خواب پٿر"
تمام گهڻو مشهور آهي.

### (iii) محمد عثمان ڏيپلائي

سندس ناولن ۾ عام ماڻهن جي مسئلن ۽ سماجي نا انصافين کي اجاگر ڪيو آهي. مشهور ناولن ۾

URBANE PAPER PRODUCT

Date:

"مهراڻ جا موتي"

"پيار جو پنجائي"

شامل آهن.

(١٧) جي ايم سيد

جي ايم سيد به ناول نگاري ۾ اعليٰ مقام حاصل ڪيو. سندس لکڻين ۾ سماجي انصاف ۽ قومي فڪر نمايان آهي.

## ٤. نتيجو:

سنڌي ناول جي ارتقا (ترقي) هڪ تاريخي ۽ فڪري عمل آهي. جنهن ۾ ناول نگارن سنڌي سماج، ثقافت ۽ انساني مسئلن کي تفصيل سان بيان ڪيو. مرزا قليچ بيگ کان وٺي جديد دور جي ليکڪن تائين، سنڌي ناول پنهنجي موضوع، انداز ۽ فڪري لحاظ سان ادب کي نئين واهه ڏني. سنڌي ناول نه رڳو ماضيءَ جي عڪاسي ڪري ٿو، پر اهو مستقبل لاءِ فڪر ۽ شعور ۾ پيدا ڪري ٿو. اهو سنڌي ادب جي هڪ اهم صنف آهي، جنهن وقت سان گڏ وڌيڪ مضبوط ۽ اثرائتي ٿيندي رهي آهي.

---

URBANE PAPER PRODUCT